

# Good attachment





Card 3

- **<u>صحيح ڳانڍاپو (Attachment )توهان جي لاءِ ۽ توهانجي ٻار ٻنهي لاءِ مددگارثابت ٿيندو.</u>**
- صحيح ڳانڍاپو توهانجي ٻار کي صحيح طريقي سان ٿڃ چوسڻ ۾ مدد ڪندو ۽ توهانجي کير جي مقدار وڌائڻ۾پڻ مدد ڪندو.
- صحيح ڳانڍاپو چاتين جي نپل کي خراب ٿيڻ ۽ چاتين جي ٻين تڪليفن کان بچائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. صحيح ڳانڍاپي سان ٿڃ پيارڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿيندي آهي.
- صحيح ڳانڍاپي جون 4 نشانيون آهن:
- ٻار جو وات سڄو کليل هجي.
- نپل جي چوڌاري گهري ڪاري رنگ وارو حصو ٻار جي هيٺئن چپ جي هيٺ گهٽ هجي ۽مٿئين چپ جي مٿان وڌيڪ هجي جيڪو آساني سان نظر اَچي.
- ٻار جو هيٺيون چپ ٻاهر جي طرف مڙيل هجي.
- ٻار جي ڄاڙي ماءَ جي چاتي کي لڳل هجي.

- **توهان جو ٻار آهستي آهستي ۽ گهرائيپ سان چوسي ۽ ڪنهن مهل وري رڪجي وڃي.**

❖ **<u>توهان جي ٻار کی هک ئی وقت هک چاتی خالی کرڻ ڏیو.</u>**

- جڏهن توهاجو ٻار هڪ پاسي واري ٿڃ مان کير ختم ڪري ڇڏيندو ته هو پنهنجي مرضي سان اُها ٿڃ ڇڏي ڏيندو. هڪڙي پاسي مان ٿڃ ختم ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ٻار کي ٻي پاسي واري ٿڃ ڏيو ائين ڪرڻ سان يقيني طور تي توهان جو ٻار توهانجي ٻنهي چاتين جي ٿڃ کي وڌائي ٿو ۽ غذائيت سان ڀرپور مطمئين ٿي ۽ پيٽ ڀري کير پيئي ٿو.